# ايلاف

# سنڌي درسي ڪتاب

## چوٿين ڪلاس لاءِ

## ٽيچر گائيڊ

ليکڪ/ سهيڙيندڙ

ابو عبدالله "ظهير"

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي پاڪستان®

ڪراچي، سکر، لاهور

SCIENCE PUBLICATIONS®
KARACHI 0332 6118855
SUKKUR 0334 8881071
LAHORE 0300 8070436
mehran_series@yahoo.com



فهرست



| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 01 | قدرت وارا (حمد) | 03 |
| 02 | نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 07 |
| 03 | مير مرسل مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ (نعت) | 09 |
| 04 | حضرت عمر فاروق رضي الله عنه | 12 |
| 05 | برابري جي نصيحت | 14 |
| 06 | سٺي شهريءَ جون ذميواريون | 16 |
| 07 | پيارو وطن (نظم) | 19 |
| 08 | شاهه عبداللطيف رحمة الله عليه | 23 |
| 09 | سورج مکي | 26 |
| 10 | سچل سرمست | 28 |
| 11 | بهار (نظم) | 31 |
| 12 | دولت سڀ ڪجهه نه آهي | 34 |
| 13 | ڏٺ | 36 |
| 14 | منڊائتا مينهن (نظم) | 39 |
| 15 | ٽر جا ماڻهو | 42 |
| 16 | همت ۽ حوصلو | 45 |
| 17 | ڪمپيوٽر جي آتم ڪهاڻي | 47 |
| 18 | ٻين سان ڀلائي (نظم) | 49 |
| 19 | خط | 52 |
| 20 | شڪارپور | 54 |

سبق پهريون

# قدرت وارا

سڀ ڪن تنهنجي ساراهه قدرت وارا،
نرمل، جوتي نور نظارا قدرت وارا.

حوالو: هي شعر ”قدرت وارا“ بيت مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر ڪشنچند بيوس آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله سائين سان مخاطب ٿي ڪري چوي ٿو ته اي الله سڀ تنهنجي وڏائي بيان ڪن ٿا. هي روشنيون ۽ جهان تون ئي پنهنجي طاقت سان پيدا ڪيا آهن.

ڪوٽان ڪوٽ ڀٽايئه ڌرتيون،
سهسين سج، چنڊ تارا ڳتيون،
جن جو اَنتُ نه پارا قدرت وارا.

حوالو: هي شعر ”قدرت وارا“ بيت مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر ڪشنچند بيوس آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله سائين سان مخاطب ٿي ڪري چوي ٿو ته اي الله هي ته دار زمين، سج، چنڊ، ڪتيون ۽ اڻ ڪٿ تارا جنهن جو ڪو شمار ئي ڪونهي تون ئي ناهيا آهن.

گلن اندر سُرهاڻ ڌرين ٿو،
موتين سان مهراڻ ڀرين ٿو،
هيرا لعل هزارا قدرت وارا.

حوالو: هي شعر ”قدرت وارا“ بيت مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر ڪشنچند بيوس آهي.



تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله سائين سان مخاطب ٿي ڪري چوي ٿو ته اي الله تون ئي گلن ۾ خوشبو وجهين ٿو. درياء، نديون ۽ واهه وهائين ٿو پنهنجي قدرت سان.

جڏهن وڻن تي واءُ اچي ٿو،
پن پن مان پڙلاءُ اچي ٿو،
چم چم جا چمڪارا قدرت وارا.

حوالو: هي شعر ”قدرت وارا“ بيت مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر ڪشنچند بيوس آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله سائين سان مخاطب ٿي ڪري چوي ٿو ته اي الله جڏهن به هوا گهلي ٿي ته هر هڪ پن مان تنهنجي ثنا بيان ٿئي ٿي. مينهن به تون ئي وسائين ٿو.

چهنب چُتُن ۽ چيهن ڪولي،
بلبل ڪوئل ٻولي ٻولي،
مور نچن ناميارا قدرت وارا.

حوالو: هي شعر ”قدرت وارا“ بيت مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر ڪشنچند بيوس آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله سائين سان مخاطب ٿي ڪري چوي ٿو ته اي الله پکي پکڻ تنهنجي وڏائي بيان ڪن ٿا ۽ هي مور پڻ تنهنجي خدائيءَ تي نازان آهن.

عجب ڀٽايئه بجليون بادل،
بوندون برس برس ڪن تاڌل،
واڇڻ ڪن وسڪارا قدرت وارا.

حوالو: هي شعر ”قدرت وارا“ بيت مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر ڪشنچند بيوس آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله سائين سان مخاطب ٿي ڪري چوي ٿو ته اي الله عجيب قسم جا ڪکر ٻڌائيه ۾ انهن مان مينهن وسائين ٿو. برساتن جا وسڪارا وهائين ٿو. سڀ پنهنجي قدرت سان.

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جوتي | روشني وارا | نرمل | روشن |
| پڙلاءُ | آواز | سهسين | ڪيترائي |
| پارا | طرف، رخ | انت | خبر |
| سرهاڻ | خوشبو | واءُ | هوا |
| واڄٽ | وڏو آواز | ناميارا | نالي وارا |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: هن نظم مان اوهان کي ڪهڙو شعر وڌيڪ وڻي ٿو؟

جواب: هن نظم اسان کي هي شعر وڌيڪ وڻي ٿو.

گلن اندر سُرهاڻ ڏرين ٿو،
موتين سان مهراڻ پرين ٿو،
هيرا لعل هزارا قدرت وارا.

سوال2: اسان سيئي ڪنهن جي ساراهه ڪريون ٿا؟

جواب: اسان سيئي الله سائينءَ جي ساراهه ڪريون ٿا.

سوال3: قدرت وارا نظم ڪنهن جو لکيل آهي؟

جواب: قدرت وارا نظم ڪشنچند بيوس جو لکيل آهي.



**(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ڏرتي | آسمان | سچ | چنڊ |
| اندر | ٻاهر | شمار | بي شمار |
| پکي | جانور | | |

**(د) ڪوٺان ڪوٺ، پن پن ۾ ڇم ڇم ٻٽا لفظ آهن، اهڙا ڪجهه ٻيا ٻٽا لفظ ٻڌايو:**

رم جهم    هيرا لعل    برس برس

**(هه) هيٺيان خال ڀريو.**

(1) گلن اندر سُرهاڻ ڏرين ٿو.

(2) ڇهنب ڇَٽُن ۾ ڇيهن ڪولي.

(3) پن پن مان پڙلاءُ اچي ٿو.

(4) موتين سان مهراڻ پرين ٿو.

**(و) هي نظم زباني ياد ڪري سُر سان ٻڌايو:**

سبق ٻيو

# نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| تبليغ | دعوت | حاسد | ساڙ ڪندڙ |
| پيغام | نياپو | پوڄا | عبادت |
| صلاح | رٿ | رواج | رسم |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي بيبي حليمه رضي الله عنها جي حوالي ڇو ڪيو ويو؟

جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي بيبي حليمه رضي الله عنها جي حوالي عرب جي رواج مطابق ٿڃ پيارڻ لاءِ ڪيوويو.

سوال2: پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي نبوت جو پيغام ڪنهن پهچايو؟

جواب: پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي نبوت جو پيغام جبرائيل امين پهچايو.

سوال3: راهب بحيرا پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏسي ڇا چيو؟

جواب: راهب بحيرا پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏسي چيو ته ”هي ٻار نبي ٿيندو“.

سوال4: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مڪي کان مديني هجرت ڇو ڪئي؟

جواب: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مڪي جي ڪافرن جي تڪليفن ڏيڻ سبب مڪي کان مديني هجرت ڪئي.



**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ________ ۾ ڄاوا.

(i) مديني شريف (ii) مڪي شريف ✓ (iii) پاٽ شريف

(2) پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ________ سالن جا ٿيا ته سندن والده وفات ڪري وئي.

(i) ڇهن ✓ (ii) ستن (iii) اٺن

(3) ________ سالن جا ٿيا ته سندن ڏاڏو به وفات ڪري ويو.

(i) ڇهن (ii) ستن (iii) اٺن ✓

(4) سندن اهڙي ________ ڏسي ماڻهن اسلام قبول ڪيو ۽ عرب ۾ اسلام پکڙجي ويو.

(i) شرافت (ii) مهرَ ✓ (iii) شفاعت

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو:**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| جنگ | امن | فتح | شڪست |
| دشمن | دوست | نقصان | فائدو |
| چانوَ | اُس | شڪست | فتح |

سبق ٽيون

# مير مرسل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ (نعت)

مان وارو شان وارو، مِيرُ مرسل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ،
آ جڏي جيءَ جو جيارو، مِيرُ مرسل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ.

حوالو: هي شعر نعت "مير مرسل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ" مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر سميع سجاد ميراڻي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو شان ٻڌائيندي فرمائي ٿو ته اسان جا نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن وڏي شان ۽ مان وارا آهن.

جنهن کي قدرت قرب مان افضل ڪيو عزت ڏني،
سو سين جو آ سهارو، مِيرُ مرسل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ.

حوالو: هي شعر نعت "مير مرسل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ" مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر سميع سجاد ميراڻي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو شان ٻڌائيندي چوي ٿو ته انهن کي رب پاڪ پيار منجهان سيني کان افضل ۽ اعليٰ بڻايو. اهو نبي سيني جو سهارو آهي.

نانءُ جنهن جو ٿو کڻان هي روح ٿو مسرور ٿئي،
آ سين کان ناميارو، مِيرُ مرسل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ.

حوالو: هي شعر نعت "مير مرسل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ" مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر سميع سجاد ميراڻي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو شان ٻڌائيندي فرمائي ٿو ته جڏهن نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو پاڪ نالو وٺان ٿو ته منهنجي دل ٺري ٿي پوي ۽ اسان جو نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سيني نبين جو اڳواڻ آهي.



اڄ بہ ڏسُ ساراهہ جنهن جي سارو عالم ٿو ڪري،
آهي بس رحمت ئي سارو، مِيرُ مرسل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ.

حوالو: هي شعر نعت "مير مرسل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ" مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر سميع سجاد ميراڻي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو شان ٻڌائيندي فرمائي ٿو ته اڄ تائين بہ انهي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ساراهہ سموري ڪائنات ۾ هلي ٿي. پئي پاڻ تمام گهڻا رحمت ڀريا هئا.

جنهن جي ڪارڻ هي دنيا آهي خدا خلقي "سميع"
آهي رحمت جو نظارو، مِيرُ مرسل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ.

حوالو: هي شعر نعت "مير مرسل مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ" مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر سميع سجاد ميراڻي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو شان ٻڌائيندي فرمائي ٿو ته الله تعاليٰ سندن جي ڪري ئي هي دنيا پيدا ڪئي آهي. اهي سراپا رحمت جو مظهر آهن.

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| افضل | وڏيڪ عزت وارو | عالم | دنيا |
| مسرور | خوش | ناميارو | نالي وارو |
| | جيارو | خوش ڪندڙ | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: جڏي جيءَ جو جيارو ڪير آهي؟

جواب: جڏي جيءَ جو جيارو نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ آهي.

سوال2: ڪنهن جي نالي ڪٺڻ سان روح مسرور ٿئي ٿو؟

جواب: نبي ڪريم ﷺ جي نالي ڪٺڻ سان روح مسرور ٿئي ٿو.

سوال3: سارو عالَم ڪنهن جي ساراهه ٿو ڪري؟

جواب: سارو عالم نبي ڪريم ﷺ جي ساراهه ٿو ڪري.

**(ج) صورتخطيءَ جي لحاظ کان درست لکيل لفظن تي (✓) جو نشان لڳايو**

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| (1) | مرسل | (✓) | مرصل | ( ) |
| (2) | ڪدرط | ( ) | قدرت | (✓) |
| (3) | مسرور | (✓) | مصرور | ( ) |
| (4) | صاراح | ( ) | ساراهه | (✓) |
| (5) | رهمط | ( ) | رحمت | (✓) |

**(د) هيٺيان خال ڀريو.**

(1) جنهن کي **قدرت** قرب مان **افضل** ڪيو عزت ڏني.

(2) سو سين جو آ **سهارو** مير مرسل مصطفيٰ ﷺ

(3) **نانءُ** جنهن جو ٿو ڪٺان هي روح ٿو **مسرور** ٿئي.

(4) آ سين ڪان **ناميارو** مير مرسل مصطفيٰ ﷺ

**(هه) هي نعت زباني ياد ڪريو ۽ سُر ۾ ٻڌايو:**

**(و) اهڙو نظم جنهن ۾ حضرت محمد ﷺ جي تعريف بيان ٿيل هجي ان کي "نعت" چئبو آهي.**



سبق چوٿون

# حضرت عمر فاروق رضي الله عنه

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| متفق | گڏيل | مقام | جڳهه |
| سربلندي | اوچائي | تعلق | رشتو، ناتو |
| معزز | عزت وارو | لقاءُ | ڏيک |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ڪڏهن پيدا ٿيا؟

جواب: حضرت عمر فاروق رضي الله عنه هجرت کان 40 سال اڳ پيدا ٿيا.

سوال2: سندن لقب ڪهڙو هو؟

جواب: سندن لقب فاروق هو.

سوال3: پاڻ رضي الله عنه ڪنهن جي دعا سان اسلام آندائون؟

جواب: پاڻ رضي الله عنه نبي ڪريم ﷺ جي دعا سان اسلام آندائون.

سوال4: پاڻ رضي الله عنه ڪيترو عرصو خلافت هلايائون؟

جواب: پاڻ رضي الله عنه ڏهه سال ڪجهه مهينا عرصو خلافت هلايائون.

سوال5: پاڻ رضي الله عنه ڪنهن جي حملي جي نتيجي ۾ شهيد ٿيا؟

جواب: پاڻ رضي الله عنه غلام ابو لؤلؤ فيروز جي حملي جي نتيجي ۾ شهيد ٿيا.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي پيدائش مديني ڏانهن هجرت کان پهرين ٿي:

(i) 20 سال (ii) 30 سال (iii) 40 سال ✓

(2) حضرت عمر رضي الله عنه جو لقب آهي:

(i) صديق ✓ (ii) فاروق (iii) غني

(3) حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي خلافت جو دور شروع ٿيو:

(i) حضور اڪرم ﷺ جي وصال ڪانپوءِ

✓ (ii) حضرت ابو بڪر صديق جي وفات ڪانپوءِ

(iii) حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي شهادت ڪانپوءِ

(4) حضرت عمر فاروق رضي الله عنه شهيد ٿيا:

(i) ابن ملجم جي حملي ۾

✓ (ii) ابو لؤلؤ فيروز جي حملي ۾

(iii) شمر جي حملي ۾

(5) حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي حڪومت جو عرصو آهي.

(i) ٽي سال ڪجھ مهينا (ii) پنج سال ڪجھ مهينا

✓ (iii) ڏھ سال ڪجھ مهينا

**(د) هيٺين لفظن جا جمع ناهيو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| مشورو | مشورا | ڪنجي | ڪنجيون |
| مهار | مهارون | حملو | حملا |
| | نصيحت | نصيحتون | |

**(هـ) هيٺيان خال ڀريو.**

(1) سندن نالو عمر، لقب فاروق ۽ ڪنيت **ابو حفص** هئي.

(2) پاڻ قريش قبيلي جي هڪ معزز شاخ **بنو عدي** سان تعلق رکندا هئا.

(3) سندن ولادت هجرت کان **40** سال پهرين ٿي.

(4) سندن خلافت وارو دور اسلامي تاريخ ۾ هڪ اعليٰ **مقام** رکي ٿو.



سبق پنجون

# برابريءَ جي نصيحت

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| تائيد | مڃڻ | مٽيرو | مٽانهون |
| حجة الوداع | آخري حج | مفسر | تفسير ڪندڙ |
| محدث | حديث جو ڄاڻو | گدا | فقير |
| عاجزي | انڪساري / نوڙت | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: خراسان جي بادشاھ مسجد ۾ شاهي تخت ڇا لاءِ وڇرايو هو؟

جواب: خراسان جي بادشاھ مسجد ۾ شاهي تخت انڪري وڇرايو هو ته ان کي عام ماڻهن مان گڏجي ويهڻو پوندو هو ۽ اها ڳالهه هن پنهنجي شان جي خلاف سمجهي.

سوال2: امام رازيءَ رحمة الله عليه سلطان کي ڪهڙي نصيحت ڪئي؟

جواب: امام رازيءَ رحمة الله عليه بادشاھ کي چيو ته هي الاهي دربار آهي هتي سڀ برابر آهن. ڪوبه گهٽ وڌ نه آهي.

سوال3: امام رازيءَ جي تقرير جو سلطان تي ڪهڙو اثر ٿيو؟

جواب: امام رازيءَ جي تقرير ٻڌي سلطان کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي.

سوال4: حجة الوداع جي خطبي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن ڪهڙو سبق ڏنو آهي؟

جواب: حجة الوداع جي خطبي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو ته فضيلت وارو فقط پرهيزگار آهي. ڪنهن عربيءَ کي عجميءَ تي ۽ ڪنهن عجميءَ کي عربي تي ڪابه فضيلت ڪانه آهي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) خوارزم شاهه ________ جو حاڪم هو.

✓ (i) خراسان (ii) شام (iii) يمن

(2) هن مسجد ۾ وڇرائي ڇڏيو هو.

(i) تڏو ✓ (ii) شاهي تخت (iii) غاليچو

(3) مسجد ۾ مسلمان ثبوت پيش ڪندا آهن:

(i) اسلامي ملڪ جو ✓ (ii) اسلامي ڀائپي جو

(iii) اسلامي سڪي جو

(4) جماعتين تائيد ڪئي:

(i) خورازم شاهه جي ✓ (ii) امام رازيءَ جي (iii) ٻنهي جي

(5) فضيلت وارو آهي.

✓ (i) پرهيزگار (ii) روزيدار (iii) نمازي

**(د) هيٺين لفظن جا جمع لکو:**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| برو | برا | ننڍو | ننڍا |
| چڱو | چڱا | تختُ | تختَ |
| ويڪرو | ويڪرا | | |

**(هه) صحيح جملي جي سامهون "✓" ۽ غلط جملي جي سامهون "x" جو نشان لڳايو.**

(1) امام فخر الدين رازي رحمة الله عليه ڇهين صدي هجريءَ جو وڏو امام، مفسر، محدث ۽ مفڪر هو. (✓)

(2) الله وٽ سڀ برابر آهن. (✓)

(3) امام رازي رحمة الله عليه جا اهي لفظ ٻڌي سلطان خوش ٿي ويو. (x)

(4) اسان کي به گهرجي ته هميشه جماعت سان نماز پڙهون. (✓)

(5) امام رازي رحمة الله عليه جا اهي لفظ ٻڌي سلطان سيني جماعتين سان وڙهي پيو. (x)



سبق ڇهون

# سٺي شهريءَ جون ذميواريون

مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| دائمي | هميشه | خطرو | خوف، ڀوءُ |
| راءِ | صلاح، مشورو | سرانجام | پورو ڪرڻ |
| لاڀ | فائدو | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: شهري ڇا کي چئجي ٿو؟

جواب: جيڪو ڪنهن ملڪ جي دائمي رهندڙ هجي ۽ ڪيس ان ملڪ جي ماڻهن جهڙا حق حاصل هجن، تنهن کي شهري چئبو آهي.

سوال2: سٺي شهريءَ جون ذميواريون بيان ڪريو.

جواب: پنهنجي ديس سان وفادار رهڻ، ملڪ جي ترقي لاءِ ڪوششون ڪرڻ، پنهنجي ديس واسين جي مدد ڪرڻ وغيره، سٺي شهريءَ جون ذميواريون آهن.

سوال3: هڪ سٺو شهري ملڪ جي ترقيءَ لاءِ هر ڪم ڪيئن ڪري ٿو؟

جواب: هڪ سٺو شهري ملڪ جي ترقيءَ لاءِ هر ڪم سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان ڪري ٿو.

سوال4: امن جي وقت ۾ سٺي شهريءَ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: امن جي وقت ۾سٺي شهريءَ کي گهرجي ته اهو اڻ پڙهيل ماڻهن کي لکڻ پڙهڻ سيکاري.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) هر شهريءَ جي پهرين ذميواري پنهنجي ملڪ سان ____ آهي.

✓ (i) وفاداري (ii) غداري (iii) منافقت

(2) اسان جو ملڪ هڪ ______ ملڪ آهي.

✓ (i) اسلامي (ii) يهودي (iii) عيسائي

(3) هر نوجوان شهري پاڻ کي ______ ۾ ڀرتي ڪرائي.

(i) اسپتال ✓ (ii) فوج (iii) اسڪول

(4) سني شهري کي پنهنجي ______ جي اهميت جي ڄاڻ لازمي هجڻ گهرجي.

✓ (i) ووٽ (ii) نوٽ (iii) ڪوٽ

**(د) هيٺين لفظن کي پنهنجن جملن ۾ استعمال ڪريو:**

دائمي: اسين پاڪستان جا دائمي رهاڪو آهيون.

لاڀ: اسان کي جديد ٽيڪنالاجي مان لاڀ وٺڻ گهرجي.

راءِ: هر ماڻهو پنهنجي الڳ راءِ رکندو آهي.

ذميواري: سني شهري جي ذميواري آهي تہ اهو ملڪ سان وفادار هجي.

اُپاءُ: اسان کي بيمارين کان بچڻ لاءِ اپاءُ وٺڻ گهرجن.

**(هہ) صحيح جملي جي سامهون "✓" ۽ غلط جملي جي سامهون "×" جو نشان لڳايو.**

(1) پنهنجي ملڪ سان وفاداري ڪرڻ هر شهريءَ جي پهرين ذميواري آهي. (✓)

(2) سني شهريءَ کي پنهنجي ووٽ يا راءِ جي اهميت جي ڄاڻ نہ هئڻ گهرجي. (×)



(3) اسان جو پيارو ملڪ پاڪستان هڪ اسلامي ملڪ آهي. (✓)

(4) هر شهريءَ کي پنهنجي ذميواري محسوس ڪندي پنهنجي وطن جي حفاظت ڪرڻ گهرجي. (✓)

(5) هر نوجوان شهري پاڻ کي پوليس ۾ ڀرتي ڪرائي. (×)

**(و) هيٺيان لفظ درست اچارن ۽ روانيءَ سان پڙهو.**

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ساراهہ | ڪتيون | قدرت | بجليون | ڪوئل |
| وسڪارا | مهراڻ | ذرتيون | چيهن | چهنب |
| حاسد | تبليغ | سنپال | نبوت | مطابق |
| يهودي | راهب | هجرت | عرب | معاف |
| مسرور | ناميارو | عالم | قريش | انصاف |
| فرات | مبارڪ | سربلندي | سواري | عدل |
| طاقتور | پچاڙو | مهار | پارسي | درٻار |
| يائپي | ناراض | عجمي | اخلاق | محدث |
| مسڪين | ثبوت | تخت | فضيلت | پرهيزگار |
| خطرو | ذميواري | مفاد | شهريت | محنتي |
| وفاداري | ووٽ | انتظام | لاڀ | اُپاءُ |
| محافظ | ترقي | ميمبر | اهميت | لازمي |

سبق ستون

# پيارووطن (نظم)

نيارو نرالو اسان جو وطن،
اکين کي جو ٺاري ٺڌي ٿو وطن،
اسان جو وطن آهي پيارو وطن.

حوالو: هي شعر ”پيارو وطن“ نظم مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر وطن بابت چوي ٿو تہ اسان جو وطن نرالو ۽ نيارو آهي. اسان جو وطن اسان جي اکين کي ٺاري ٺڌيندو آهي. اسان جو وطن اسان کي پيارو آهي.

وسن مينهن ٿر تي ٿي ٿاڌل ٿئي،
اکين کي هي ساوڪ ٿي فرحت ڏئي،
اسان جو وطن سونهن وارو وطن،
اسان جو وطن آهي پيارو وطن.

حوالو: هي شعر ”پيارو وطن“ نظم مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر وطن بابت چوي ٿو تہ جڏهن ٿر تي مينهن وسن ٿا تہ ٿاڌل ٿي پوي ٿي ۽ بارش ڪانپوءِ هر هنڌ ساوڪ ٿيڻ سان دل خوش ٿي پوي ٿي. اسان جو پيارو وطن ڏاڍو خوبصورت آهي.

وطن جي محبت ئي ايمان آ،
سواءِ تنهن کان بيڪار انسان آ،
هميشہ وطن آهي پيارو وطن،
اسان جو وطن آهي پيارو وطن.



حوالو: هي شعر ”پيارو وطن“ نظم مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر وطن بابت فرمائي ٿو تہ وطن جي محبت ايمان جو حصو آهي. جيڪڏهن ڪنهن انسان کي وطن سان پيار ڪونهي تہ اهو انسان بيڪار آهي. هميشہ وطن سان پيار ڪجي. اسان جو وطن ڏاڍو پيارو آهي.

اسين ديس پنهنجي سان الفت ڪريون،
صبح شام ٺَنهن جي پيا خدمت ڪريون،
ڪريون پيار تنهن سان آ پيارو وطن،
اسان جو وطن آهي پيارو وطن.

حوالو: هي شعر ”پيارو وطن“ نظم مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر وطن بابت چوي ٿو تہ اسين پنهنجي ملڪ سان محبت ڪريون ۽ انهيءَ جي خدمت ڪريون. انهيءَ سان پيار رکون. اسان جو وطن ڏاڍو پيارو آهي.

جڏهن سانوڻيءَ جون هوائون گهلن،
پوءِ سنڌوءَ تي ”غازي“ ٿا ميلا مچن،
خوشيءَ جو ٿئي ٿو گذارو وطن،
اسان جو وطن آهي پيارو وطن.

حوالو: هي شعر ”پيارو وطن“ نظم مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر وطن بابت چوي ٿو تہ جڏهن اسان جي ويس ۾سانوڻ جون هوائون لڳن ٿيون تہ هر هنڌ ميلا مچي وڃن ٿا. هر هڪ خوش ٿي پوي ٿو. اسان جو وطن ڏاڍو وڻندڙ ۽ پيارو آهي.

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| نرالو | الڳ، جدا | نيارو | الڳ، جدا |
| سانوڻي | اونهارو | فرحت | راحت |
| الفت | محبت | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: اکين کي فرحت ڪيئن ٿي ملي؟
جواب: ساوڪ ڏسڻ سان اکين کي فرحت ملي ٿي.
سوال2: وطن جي محبت ڇا آهي؟
جواب: وطن جي محبت ايمان جو حصو آهي.
سوال3: اسان کي صبح شام ڪنهن جي خدمت ڪرڻ گهرجي؟
جواب: اسان کي صبح شام پنهنجي وطن جي خدمت ڪرڻ گهرجي.

**(ج) هيٺين لفظن جي درست صورتخطي لکو.**

وتن **وطن** ڪدمت **خدمت**
سبح **صبح** فرهت **فرحت**
علفت **الفت** بيقار **بيڪار**

**(د) هن نظم مان هم آواز لفظ چونڊيو. جيئن الفت - خدمت**

ايمان - انسان ، پيارو - گذارو.
گهلن - مچن



**(هه) هيٺ ڏنل جملن مان صحيح جملا چونڊيو:**

(1) اڄ اسان جي اسڪول ڪلي آهي.
(2) مون هٿ صاف ڪيا آهن. (✓)
(3) قاسم ماني ڪاڌو.
(4) اسان روز سبق ياد ڪندا آهيون. (✓)

**(و) هيٺيان خال ڀريو.**

(1) نيارو نرالو اسان جو **وطن**.
(2) اکين کي جو ٺاري ڇڏي ٿو **وطن**.
(3) اسين ديس پنهنجي سان **الفت** ڪريون.
(4) صبح شام تنهن جي پيا **خدمت** ڪريون.

سبق اٺون

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة اللّٰه عليه

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جنم | پيدا ٿيڻ | عقيدتمند | چاهيندڙ |
| پروڙ | خبر | ناز | فخر |
| قناعت | بچت | جاکوڙ | ڪوشش |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة اللّٰه عليه ڪڏهن ڄاوا؟

جواب: شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة اللّٰه عليه 1120 هجري مطابق 1690ع ۾ ڄاوا.

سوال2: شاهه سائينءَ جي والد جو نالو ڇا آهي؟

جواب: شاهه سائينءَ جي والد جو نالو شاهه حبيب آهي.

سوال3: شاهه سائينءَ کي ڀٽائي ڇو ٿو سڏيو وڃي؟

جواب: شاهه سائينءَ کي ڀٽائي ان ڪري سڏيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته پاڻ واريءَ جي ڀٽ تي اچي رهيا.

سوال4: شاهه سائينءَ سنڌ سميت سڄي عالم لاءِ ڪهڙي دعا گهري آهي؟

جواب: شاهه سائين سنڌ سميت سڄي عالم لاءِ هي دعا گهري آهي.

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار

دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

سوال5: ڪهڙي تاريخ تي ڀٽ شاهه جو ميلو لڳندو آهي؟

جواب: 14 صفر تي ڀٽ شاهه جو ميلو لڳندو آهي.



**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) حضرت شاهه عبداللطيف رحمة اللّٰه عليه 1120 هه مطابق ______ ۾ ڄاوا.

(i) 1689ع ✓ (ii) 1690ع (iii) 1691ع

(2) شاهه عبدالڪريم رحمة اللّٰه عليه ٻُلڙيءَ وارو شاهه سائينءَ جو ______ آهي.

(i) ڏاڏو (ii) پڙ ڏاڏو ✓ (iii) ٽڙ ڏاڏو

(3) شاهه سائين ______ زبان جا عظيم شاعر آهن.

✓ (i) سنڌي (ii) هندي (iii) اردو

(4) شاهه صاحب ساز ايجاد ڪيو:

(i) يڪتارو ✓ (ii) تنبورو (iii) هارمونيم

(5) شاهه سائين ______ 1165هه مطابق 1752ع ۾ وفات ڪئي.

(i) 14 رجب (ii) 14 شعبان ✓ (iii) 14 صفر

**(د) هيٺين لفظن جا ضد تير وسيلي پاڻ ۾ ملايو:**

| | |
|---|---|
| ابتدا | سيراندي |
| جنگ | خوش نصيبي |
| بدنصيبي | امن |
| ڳوٺ | انتها |
| پيراندي | شهر |

**(هه) هيٺ ڏنل جا مذڪر مؤنث ناهيو.**

| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
|---|---|---|---|
| استاد | استادياڻي | هاري | هارياڻي |
| ڊاڪٽر | ڊاڪٽرياڻي | نوڪر | نوڪرياڻي |
| ڌوٻي | ڌوٻياڻي | درزي | درزياڻي |

**(و) هيٺيان خال ڀريو:**

(1) شاهه عبداللطيف جو مقبرو ميان غلام محمد شاهه ڪلهوڙي **تعمير** ڪرايو.

(2) شاهه سائينءَ حياتي جو گهڻو حصو **سير سفر** ۾ گذاريو.

(3) شاهه سائين هڪ واريءَ جي ڀٽ تي رهيو، جنهن ڪري کيس **ڀٽائي** چوندا آهن.

(4) شاهه سائين جو ميلو هر سال **14 صفر** تي لڳندو آهي.



سبق نائون

# سورج مکي

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڦوٿهڙو | ڦَٽڻ | مفيد | فائديمند |
| اُپت | پيداوار | تصديق | شاهدي |
| نفعي بخش | فائديمند | اُونها | هيٺ |
| ڪارائتو | فائديمند | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: تيلي ٻجن جا نالا لکو.

جواب: ڄانيو، سرنهن، توريو ۽ سورج مکي تيلي ٻج آهن.

سوال2: هن فصل جي پوکائي ڪهڙن مهينن ۾ ڪبي آهي؟

جواب: هن فصل جي پوکائي جنوريءَ کان فيبروري مهينن ۾ ڪبي آهي.

سوال3: سورج مکيءَ جي چڱي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ايڪڙ ۾ ڪيترا ٻوٽا لڳائڻ گهرجن؟

جواب: سورج مکيءَ جي چڱي پيدوار حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ايڪڙ ۾ ويهن کان پنجويهه هزار ٻوٽا لڳائڻ گهرجن.

سوال4: سورج مکيءَ جو لابارو ڪڏهن ڪبو آهي؟

جواب: جڏهن گل جو هيٺيون پاسو پيلو ٿي وڃي تڏهن لابارو ڪبو آهي.

سوال5: سورج مکيءَ جو تيل ڪهڙين بيمارين لاءِ فائديمند آهي؟

جواب: دل جي تڪليف، هاءِ بلڊ پريشر ۽ جسم جي ٻين خطرناڪ بيمارين لاءِ فائديمند آهي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) سورج مکيءَ جي فصل کي پاڻي گهرجي.

(i) گهٽو ✓ (ii) ٿورو (iii) پورو پنو

(2) سورج مکيءَ کي پوکڻ لاءِ زمين کي گهڻا اونها هر ڏيڻ گهرجن؟

(i) هڪ ✓ (ii) ٻه (iii) ٽي

(3) سورج مکيءَ جي گلن جو جڏهن هيٺيون پاسو ________ ٿي وڃي ته لابارو ڪجي.

(i) ڪارو ✓ (ii) پيلو (iii) سائو

(4) سورج مکيءَ جي فصل تي ٿئي ٿو:

✓ (i) خرچ ٿورو، نفعو گهڻو (ii) خرچ گهڻو، نفعو ٿورو

(iii) خرچ گهڻو، نفعو گهڻو

(5) سورج مکيءَ جو تيل فائديمند آهي:

✓ (i) انسانن لاءِ (ii) جانورن لاءِ (iii) پکين لاءِ

**(د) ”بيشمار“ ۽ ”بيحد“ لفظن ۾ ”بي“ اڳياڙي طور استعمال ٿيل آهي. اوهين اهڙا ”بي“ اڳياڙيءَ وارا ڪي ٻه چار لفظ ٻڌايو.**

بي خبر بي پرواهه بي ملهه بي لغام

**(هه) هيٺيان خال ڀريو:**

(1) سورج مُکيءَ جو فصل پوکڻ لاءِ زمين کي ٻه اونها هر ڏبا آهن.

(2) ڄانڀو، سرنهن ۽ تيلي ٻج آهي.

(3) هي تيل کاڌ خوراڪ لاءِ به انتهائي اهم آهي.

(4) سرءُ ۽ سياري جي موسم ۾ هي فصل پوکبو آهي.



سبق ڏهون

# سچل سرمست

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| لاڏاڻو | وفات | تربيت | سکيا |
| ڏانءُ | طريقو نمونو | عظمت | عزت، شان |
| مدفون | دفن | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: سچل سرمست جو اصل نالو ڇا هو؟

جواب: سچل سرمست جو اصل نالو عبدالوهاب هو.

سوال2: سچل سرمست ڪٿي ڄائو؟

جواب: سچل سرمست راڻيپور ويجهو درازا شريف ۾ ڄائو.

سوال3: سچل سرمست ڪيتري عمر ۾ قرآن پاڪ جو حافظ بڻيو؟

جواب: سچل سرمست چوڏهن سالن جي عمر ۾ قرآن پاڪ جو حافظ بڻيو.

سوال4: سچل سرمست ڪهڙين ڪهڙين ٻولين ۾ ڪلام چيو آهي؟

جواب: سچل سرمست سنڌي، اردو، فارسي ۽ سرائڪي ۾ ڪلام چيو آهي.

سوال5: سچل سرمست ڪڏهن وفات ڪئي؟

جواب: سچل سرمست 1242 هجري مطابق 1827ع ۾ وفات ڪئي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) سچل سرمست جو اصل نالو هو:

(i) عثمان مروندي (ii) شاهه حبيب ✓ (iii) عبدالوهاب

(2) سندس والد جو نالو هو.

(i) ميان عبدالحق ✓ (ii) ميان صلاح الدين

(iii) ميان صاحبڏنو

(3) سچل سائين ________ سالن جي عمر ۾ حافظ قرآن بڻيو.

(i) تيرهن ✓ (ii) چوڏهن (iii) پندرهن

(4) سچل سرمست مدفون آهن.

(i) سيوهڻ شريف ۾ (ii) هالا ۾

✓ (iii) درازا شريف ۾

(5) سچل سرمست جو ميلو هر سال لڳندو آهي.

✓ (i) 14 رمضان تي (ii) 14 صفر تي

(iii) 14 ربيع الاول تي

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اصل | نقل | زندگي | موت |
| مشهور | بدنام | خوبصورت | بدصورت |
| محفوظ | غير محفوظ | | |

**(ھ) صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو.**

(1) سچل سرمست جو اصل نالو عبدالوهاب هو. (✓)

(2) سچل سرمست سيوهڻ شريف ۾ ڄائو. (✗)

(3) سچل سرمست قرآن پاڪ جو حافظ هو. (✓)

(4) سچل سرمست مختلف ٻولين ۾ ڪلام چيو آهي. (✓)

(5) سچل سرمست جي مزار هالا ۾ آهي. (✗)



**(و) ”اچ وڃ“ راند روند ٻٽا لفظ آهن. اوهين اهڙا ڪي ٻيا ٻٽا لفظ ٻڌايو.**

لهه وچڙ     وروڪڙ     ڳالهه ٻولهه     وڻ ٽڻ

گذر سفر     هيڏي هوڏي

**(ز) هيٺ ڏنل عبارت پڙهو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

ڪرڪيٽ راند دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ کيڏي ويندي آهي. هن راند ۾ يارهن يارهن رانديگرن جون ٻه ٽيمون ٿينديون آهن. هر هڪ ٽيم مان هڪڙو چڱو ٽيم جو اڳواڻ يعني ڪپتان هوندو آهي.

ويهن اوورن واري ڪرڪيٽ مئچ کي ”ٽي – 20“ ۽ پنجاهه اوورن واري مئچ کي ”وَن ڊي“ چئبو آهي. جڏهن ته پنجن ڏينهن واري ڪرڪيٽ مئچ کي ”ٽيسٽ مئچ“ سڏبو آهي.

ڪرڪيٽ جي ”ون ڊي عالمي ڪپ“ جو مقابلو هر چوٿين سال ٿيندو آهي. پاڪستان هڪ ڏينهن جي ڪرڪيٽ راند جو ”ورلڊ ڪپ 1992ع“ ۾ کٽيو هو.

سوال1: ڪرڪيٽ راند ۾ گهٽيون ٽيمون ٿينديون آهن؟

جواب: ڪرڪيٽ راند ۾ ٻه ٽيمون ٿينديون آهن.

سوال2: هر هڪ ٽيم ۾ ڪيترا رانديگر هوندا آهن؟

جواب: هر هڪ ٽيم ۾ يارهن يارهن رانديگر هوندا آهن.

سوال3: هڪ ڏينهن واري مئچ کي ڇا چئبو آهي؟

جواب: هڪ ڏينهن واري مئچ کي ”ون ڊي“ چئبو آهي.

سوال4: ”ون ڊي جو عالمي ڪپ“ جو مقابلو ڪڏهن ٿيندو آهي؟

جواب: ”ون ڊي جو عالمي ڪپ“ جو مقابلو هر چوٿين سال ٿيندو آهي.

سوال5: پاڪستان ”ون ڊي جو عالمي ڪپ“ ڪڏهن کٽيو؟

جواب: پاڪستان ”ون ڊي جوعالمي ڪپ“ 1992ع ۾ کٽيو.

سبق يارهون

# بهار (نظم)

اچي ويو اچي ويو چمن ۾ بهار،
اسان جي دلين کي ملي ويو قرار.

حوالو: هي شعر ”بهار“ نظم مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ بهار جي موسم اچي وئي آهي ۽ اسان جي دلين کي قرار ملي ويو آهي.

هُو موتيو ۽ مگرو ڪليو ٿا ڪلن،
گلستان ۾ گل هوا ۾ لڏن.

حوالو: هي شعر ”بهار“ نظم مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ باغ ۾ ڏسو موتيو، مگرو ۽ ٻيا گل ٽڙي پيا آهن ۽ باغ ۾ هوا تي گل لڏن ٿا پيا.

چٽي سڀ پيا پن پراڻا ڏسو،
ڪٽن ساھ وڻ ٿا هي ساٽا ڏسو.

حوالو: هي شعر ”بهار“ نظم مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ سرء جي مند ۾وڻن تان پراڻا پن ڇڻي ويا هئا ۽ جيڪي وڻ سرء جي ڪري ساٽا ٿي پيا هئا اهي هاڻي بهار ۾ ٻيهر ساوا ٻڻجي پيا آهن.

ڦٽا گاھ ساوا پٽن تي وري،
ڏسي تن کي سانگين جي دلڙي ٺري.

حوالو: هي شعر ”بهار“ نظم مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.



تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ بهار جي مند ۾ هر طرف ساوڪ ٿي پئي آهي ۽ اها ڏسي ماڻهن جون دليون ٺري پيون آهن.

پکيئڙا منيون خوب لاتيون لَنون،
هُو قادر جي وينا ٿا ساراھ ڪن.

حوالو: هي شعر ”بهار“ نظم مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ بهار جي مند پکي وڻن تي ويهي ٻوليون ٻولين ٿا ۽ پنهنجي ٻولين ۾ الله تعاليٰ جي ساراھ ڪن ٿا پيا.

ڏسو خوش ٿا ٻڪرار ميهار پيا،
وجن ڪاهيون ڌڻ هي ريڍار پيا.

حوالو: هي شعر ”بهار“ نظم مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ ميهار، ٻڪرار ۽ ريڍار بهار جي مند ۾ خوشي خوشيءَ پنهنجا ڌڻ ڪاهي وجن ٿا چاڪاڻ تہ بهار جي موسم اچي وئي آهي.

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| چمن | باغ | قرار | سڪون |
| گلستان | باغ | ساٽا | ٽڪل |
| لاتيون | ٻولڻ | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: هن نظم مان توهان پنهنجي پسند جو شعر لکو.

جواب: پکئيڙا منيون خوب لاتيون لنون
هُو قادر جي وينا تا ساراهه ڪن

سوال2: ڇاکي ڏسي سانگين جي دلڙي ٺري ٿي؟

جواب: پٽن تي ساوا گاهه ڏسي سانگين جي دلڙي ٺري ٿي.

سوال3: هي نظم ڪنهن جو لکيل آهي؟

جواب: هي نظم غلام محمد ”غازي“ جو لکيل آهي.

**(ج) هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| دِل | دليون | پَنُ | پنَ |
| گلستانُ | گلستان | پراٽو | پراٽا |
| لاتِ | لاتيون | | |

**(د) هيٺين لفظن جا هم آواز لفظ لکو:**

بهار قرار ڪلن لڏن
پراٽا ساٽا ميهار ريدار

**(هه) هيٺيون شعر مڪمل ڪريو:**

ڦٽا گاهه ساوا پٽن تي وري،
ڏسي تن کي سانگين جي دلڙي ٺري



سبق ٻارهون

# دولت سڀ ڪجهه نه آهي

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| فڪر مند | پريشان | غمگين | ڏکايل |
| ڇٽرون | ٽوڪون | خريد | ونڻ |
| عظيم | وڏو | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: عبدالله ڇو پريشان رهندو هو؟

جواب: عبدالله پنهنجي غريبيءَ بابت پريشان رهندو هو.

سوال2: عقلمند شخص هن کي ڪهڙي دولت بابت ٻڌايو؟

جواب: عقلمند شخص هن کي پنهنجي صحيح سلامت جسم ۽ تندرستي جهڙي دولت بابت ٻڌايو.

سوال3: عبدالله جي پريشاني ڪيئن ختم ٿي وئي؟

جواب: عبدالله جڏهن محنت ڪرڻ شروع ڪئي ته هن جي پريشاني ختم ٿي وئي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) عبدالله هڪ ______ ڇوڪرو هو.

(i) عقلمند ✓ (ii) غريب (iii) ڏاهو

(2) هو پنهنجي ______ بابت فڪرمند رهندو هو.

✓ (i) غريبي (ii) ملڪيت (iii) والدين

(3) هن جي ڪپڙن ۾ لڳل هيون:

(i) سونيون ٻيڙيون ✓ (ii) چٽيون (iii) ڪڙا

(4) عبدالله جي ______ ڪرڻ سان هن جي پريشاني دور ٿي وئي.

✓ (i) محنت (ii) نوڪري (iii) سفارش

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| عقلمند | بيوقوف | نوجوان | ڪراڙو |
| غريب | امير | چست | سست |
| صحتمند | بيمار | | |



سبق تيرهون

# ڏڻ

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڏڻ | ڏينهن | فطرانو | عيدالفطر تي غريبن جي مالي مدد ڪرڻ |
| طعام | کاڌو | واڌايون | مبارڪون |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: عيدالفطر ڪڏهن ملهائي ويندي آهي؟

جواب: عيدالفطر پهرين شوال تي ملهائي ويندي آهي.

سوال2: عيدالاضحيٰ ڪڏهن ملهائي ويندي آهي؟

جواب: عيدالاضحيٰ 10 ذوالحج تي ملهائي ويندي آهي.

سوال3: ڏياري ڪڏهن ملهائي ويندي آهي ۽ اها ڪير ملهائيندا آهن؟

جواب: ڏياري هر سال اسو مهيني جي 27 تاريخ تي ملهائي ويندي آهي ۽ اها هندو ڌرم وارا ملهائيندا آهن.

سوال4: ڪرسمس ڪڏهن ملهائي ويندي آهي ۽ اها ڪير ملهائيندا آهن؟

جواب: ڪرسمس 25 ڊسمبر تي ملهائي ويندي آهي ۽ اها عيسائي ملهائيندا آهن.

سوال5: نوروز ڪڏهن ملهائبي آهي؟

جواب: هر سال 21 مارچ تي ملهائبي آهي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) قرباني ڪئي ويندي آهي:

(i) عيدالفطر تي ✓ (ii) عيدالاضحيٰ تي

(iii) نوروز تي

(2) ڏياري جي ڏينهن ________ ٻاريا ويندا آهن.

✓ (i) ڏيئا (ii) بلب (iii) ڪوئلا

(3) هر سال 25 ڊسمبر تي ملهائي ويندي آهي:

(i) ڏياري ✓ (ii) ڪرسمس (iii) نوروز

(4) عيدالفطر تي غريبن ۾ ورهايو ويندو آهي:

✓ (i) فطرانو (ii) زڪوات (iii) گوشت

(5) عيدالفطر، عيدالاضحيٰ، ڏياري، ڪرسمس، نوروز ڏينهن آهن:

✓ (i) مذهبي (ii) قومي (iii) سياسي

**(د) هيٺيان خال ڀريو.**

(1) **ڏياري** هر سال ”اسو“ مهيني جي 27 تاريخ تي ملهائي ويندي آهي.

(2) نوروز هر سال 21 مارچ تي ملهائي ويندي آهي.

(3) ڪرسمس جي ڏينهن تي **ڪرسمس** جي وڻ کي رنگين بتين سان سينگاريو ويندو آهي.

(4) عيدالفطر تي عيد نماز کان اڳ غريبن ۾ **فطرو** ورهائبو آهي.

(5) **عيدالاضحيٰ** ڏهين ذوالحج تي ملهائي ويندي آهي.

**(هـ) هيٺيان لفظ درست اچارن ۽ روانيءَ سان پڙهو.**

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| مينهن | ٽاڏل | ساوڪ | فرحت | سونهن |
| ايمان | بيڪار | الفت | هوائون | سنڌو |
| عظيم | سورهيه | جوان | اولاد | درويش |
| عبادت | سياستدان | روايت | قبول | قناعت |
| جاڪوڙ | سادگي | پاند | موسيقي | پروڙ |
| ڪارائتو | پيداوار | تڪليف | تصديق | اهم |



| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اپت | ڦوٿهڙو | ڪيميائي | خوراڪ | انتهائي |
| لاٻارو | تربيت | عظيم الشان | ليک | عقيدت |
| شبيهه | خوبصورت | شاعري | ڏانءُ | ڪلام |
| ٻڪرار | مگرو | قرار | سانگين | لاتيون |
| گلستان | غمگين | خيال | خوشحال | دولتمند |
| چٿرون | طاقت | پريشان | چتيون | شوال |
| رنگين | ڏياري | فطرانو | نوروز | رسمون |
| ڏڻ | قرباني | طعام | واڌايون | احترام |
| تحفا | ذوالحج | ڪرسمس | | |

سبق چوڏهون

# مندائتا مينهن

سارنگ رات ڪيو وسڪارو،
ڪيڏو نرمل آهي نظارو.

حوالو: هي شعر ”مندائتا مينهن“ مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته رات الله جي رحمت يعني مينهن پيو جنهن سان تمام خوبصورت ۽ رنگين نظارا بڻجي پيا آهن.

وڻ ٽڻ ڌوپي اجرا ٿيڙا،
ساوا ساوا سهڻا ٿيڙا.

حوالو: هي شعر ”مندائتا مينهن“ مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر فرمائي ٿو ته مينهن وسڻ سان وڻ ٽڻ ڌوپجي اڇا اجرا بڻجي ويا آهن ۽ صاف ساوا سهڻا ٿي پيا آهن.

واهه به پرجي وهندا هاٽي،
ساوڪ ٿيندي رب ٿو چاٽي.

حوالو: هي شعر ”مندائتا مينهن“ مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته مينهن پوڻ سان واهه به پرجي ويندا ۽ ساوڪ به جام ٿيندي.

سهڻا رنگيءَ رنگ رچايا،
فصل به لهندا، مڙندي مايا.



حوالو: هي شعر ”مندائتا مينهن“ مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته الله سائين وڏيون مهربانيون ڪيون مينهن پوڻ جي ڪري فصل به پلا ٿيندا ۽ پئسا به جام ٿيندا.

چا ته پکيئڙا لات لنون ٿا،
ڪا ته اسان کي ڳالهه چون ٿا.

حوالو: هي شعر ”مندائتا مينهن“ مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته پکين کي ڏسو ڪيڏو سنو ٻولين ٿا جڻ ڪي اسان کي ڪجهه ٻڌائڻ چاهين ٿا.

سائينءَ کي ٿا سڀ ساراهيون،
اچو ته گڏجي سارنگ ڳايون.

حوالو: هي شعر ”مندائتا مينهن“ مان ورتو ويو آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اسين سڀ الله سائينءَ جي تعريف ڪريون ٿا. اچو ته سڀ گڏجي ان رب جي ثنا ڪريون جنهن مينهن وسايا.

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سارنگ | مينهن | نرمل | روشن |
| مايا | دولت | مِڙندي | گڏ ٿيندي |
| لات | ٻولي | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: هاٿي ڇا پرجي وهندا؟

جواب: هاٿي واهه پري وهندا.

سوال2: فصل لهندا ته ڇا مڙندي؟

جواب: فصل لهندا ته دولت گڏ ٿيندي.

سوال3: اسان سيئي ڪنهن کي ساراهيون ٿا ؟

جواب: اسان سيئي الله سائينءَ کي ساراهيون ٿا.

**(ج) هيٺين لفظن جا جمع ٺاهيو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| نظارو | نظارا | سهڻو | سهڻا |
| فصلُ | فصلَ | اجرو | اجرا |
| لاتِ | لاتيون | | |

**(د) هيٺين لفظن جا هم آواز لفظ لکو.**

وسڪارو — **نظارو** — وهندو — **رهندو**

وڻ — **ٿڻ** — ڄاٽي — **هاٿي**

لنون — **چون**

**(هه) هيٺيان خال پريو.**

(1) سهڻا رنگيءَ **رنگ** رچايا.

(2) فصل به لهندا، مڙندي **مايا**.

(3) ڇا ته **پکيئڙا** لات لنون ٿا.

(4) ڪا ته اسان کي **ڳالهه** چون ٿا.



سبق پندرهون

# ٿر جا ماڻهو

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڏڪار | بدحالي | ڇُني | رئو |
| حال سارو | موجود | جاڪوڙ | ڪوشش |
| لباس | ڪپڙا، ويس | سڪار | سک |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ٿر جي ماڻهن جو لباس ڪهڙو آهي؟

جواب: ٿر جي ماڻهن جو لباس تمام سادو آهي. مسلمان مرد پٽڪو، گوڏ ۽ صدري پائين ۽ هندو انگرکو،ڌوتي ۽ پٽڪو پائين. مسلمان عورتون پڙو، گج ۽ ڇُني ڍڪين ٿيون ۽ هندو عورتون پڙو، جهبو ۽ پوتي پائين ٿيون.

سوال2: ٿر جا هنر ٻڌايو.

جواب: ٿر جا ماڻهو ڪٿا، لويون، ڪرڙ، ڪاهيون، ٻوڙا،فراسيون،هنا، پاڪڙا ناهڻ، مٽيا پوئڻ، مڙهڻ ۽ پرت پرڻ جهڙا ڪم ڪندا آهن.

سوال3: ٿري ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ بابت احوال ڏيو.

جواب: ٿر جا ماڻهو تمام سادا ۽ غريب آهن. سندن گذر سفر جو وسيلو مال ۽ پوک تي آهي. ڪٽڪ، جوئر يا ٻاجهريءَ جي ماني ۽ مريڙي پلر جو ساڳ هنن لاءِ عيد جي ڏينهن برابر هوندو آهي.

سوال4: ٿر بابت ڪهڙي چوڻي مشهور آهي؟

جواب: ٿر بابت ”وٺو ته ٿر نه ته آهي بر“ چوڻي مشهور آهي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) ٿر جي ماڻهن جو گذر سفر ______ تي آهي.

(i) نوڪرين (ii) فصل ✓ (iii) مال

(2) ٿر جا ماڻهو پوک ڪندا آهن.

✓ (i) مينهن جي پاڻي تي (ii) واهن جي پاڻي تي

(iii) درياءَ جي پاڻي تي

(3) ٿر ۾ سواريءَ ۽ باربرداريءَ جو ذريعو آهي:

✓ (i) اٺ (ii) گڏه (iii) گهوڙا

(4) ٿر جي ماڻهن جا گهر اڏيل آهن.

(i) مٽيءَ سان ✓ (ii) ڪکن سان (iii) سيمينٽ سان

(5) ڏڪار ٿين تي اهي ______ جي ويجهو وڃي پکڙا اڏيندا آهن.

(i) روڊ ✓ (ii) واهن (iii) ٻنيءَ

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو:**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ڏڪار | سڪار | آباد | غير آباد |
| آسان | ڏکيو | سرڪاري | خانگي |
| امير | غريب | | |

**(ھ) صحيح جملي جي سامهون "✓" ۽ غلط جملي جي سامهون "✗" جو نشان لڳايو.**

(1) ٿر ضلعي جو گهڻو حصو واريءَ جي ڀٽن جو آهي. (✓)

(2) اتان جي رهڻ وارن کي شهري چئجي ٿو. (✗)

(3) ٿر جي ماڻهن جا گهرسيمينٽ جا ٺهيل هوندا آهن. (✗)

(4) هتي مينهن پوڻ تي پوک ڪندا آهن. (✓)

(5) مناسب سهولت نہ هجڻ ڪري ٿري ماڻهو گهڻو سفر ڪندا آهن. (✗)



**(و) هيٺيان خال ڀريو:**

(1) ونو تہ **ٿر** نہ تہ آهي **ٻر**.

(2) ٿري ماڻهو مهمانن جي **حال** سارو خدمت ڪندا آهن.

(3) ٿري ماڻهن جي گذرسفر جو وسيلو **مال** تي آهي.

(4) ٿر جي ماڻهن جا گهر ڪکن جا ٺهيل هوندا آهن. جن کي **چؤنرا** چئبو آهي.

سبق سورهون

# همت ۽ حوصلو

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| وچڙجي | وچائجي | ڪاروبار | ڌنڌو |
| پختو | مضبوط | ماهوار | هر مهيني |
| جاکوڙيو | ڪوشش ڪئي | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: حسينه مائي ڪير هئي؟

جواب: حسينه مائي هڪ بيواهه عورت ۽ ٽن ٻارن جي ماءُ هئي.

سوال2: هوءَ ٻوڏ کان اڳ ڪهڙو ڪم ڪندي هئي؟

جواب: هوءَ ٻوڏ کان اڳ ماڻهن جي گهرن ۾ ٽانو ٻهاريءَ جو ڪم ڪندي هئي.

سوال3: هن کي ڪاروبار لاءِ ڪڪڙيون ڪنهن ڏنيون؟

جواب: هن کي ڪاروبار لاءِ ڪڪڙيون خانگي اداري ڏنيون.

سوال4: هن ڪڪڙين کي ڇا ڪيو؟

جواب: هن ڪڪڙين کي پاليو.

سوال5: هن ڪهاڻيءَ مان ڪهڙو سبق ملي ٿو؟

جواب: هن ڪهاڻيءَ مان اهو سبق ملي ٿو ته ڪڏهن به همت نه هارجي، محنت ۽ حوصلي سان هر مشڪل آسان ٿي سگهي ٿي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) ٻوڏ حسينه مائي لاءِ ٻڻجي آئي:

✓ (i) رحمت (ii) بيماري (iii) وبا

(2) ٻوڏ کان اڳ هوءَ ڪندي هئي:

(i) ڪاروبار ✓ (ii) ٽانو ٻهاري (iii) ڪپڙا سبڻ



(3) غير سرڪاري اداري هن کي ڏنيون:

(i) مڇيون ✓ (ii) ڪڪڙيون (iii) بدڪون

(4) هاڻي حسينه مائي ماهوار ڪمائيندي آهي:

(i) 3000 روپيه ✓ (ii) 30000 روپيه (iii) 300000 روپيه

(5) محنت ۽ حوصلي سان هر مشڪل کي ڪري سگهجي ٿو:

(i) ڏکيو ✓ (ii) آسان (iii) مڪمل

**(د) هيٺين لفظن جا جمع ٺاهيو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| زندگي | زندگيون | اميد | اميدون |
| نوڪري | نوڪريون | رحمت | رحمتون |
| حالت | حالتون | | |

**(هه) هيٺيان لفظ درست صورتخطيءَ سان لکو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| سوبن | **صوبن** | مطاثر | **متاثر** |
| وشڙجي | **وچڙجي** | فسل | **فصل** |
| مڇڪل | **مشڪل** | قاميابي | **ڪاميابي** |
| حوسلو | **حوصلو** | خاڏو | **ڪاڏو** |

سبق سترهون

# ڪمپيوٽر جي آتم ڪهاڻي

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| تصور | خيال | مکيه | خاص |
| معلومات | ڄاڻ | لُغت | لفظن جي ذخيري وارو ڪتاب |
| اِنسٽال | داخل ڪرڻ | | |

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال1: ڪمپيوٽر جي ايجاد ڪڏهن ۽ ڪنهن ڪئي؟

جواب: ڪمپيوٽر جي ايجاد 1642ع ۾ چارلس بابيج ڪئي.

سوال2: ڪمپيوٽر ڪهڙن مکيه اُصولن وسيلي ڪم ڪري ٿو؟

جواب: ڪمپيوٽر ان پٽ ۽ آئوٽ پٽ جي مکيه اصولن وسيلي ڪم ڪري ٿو.

سوال3: ڪمپيوٽر جا مکيه ڪيترا قسم ٿين ٿا؟

جواب: ڪمپيوٽر جا مکيه ٽي قسم، مين فريم، مني فريم ۽ مائيڪرو ڪمپيوٽر ٿين ٿا.

سوال4: سنڌي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ ڪمپيوٽر وسيلي ڪهڙيون ڪوششون ورتيون ويون آهن؟

جواب: سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي بورڊ ترتيب ڏنو ويو آهي جنهن جي وسيلي انٽرنيٽ ۽ ويب تي سنڌي ۾ مواد لکي ۽ موڪلجي سگهجي ٿو. سنڌي ڪتابن کي پڻ انٽرنيٽ تي رکيو وڃي ٿو.



**(ج) صحيح جواب چونڊيو:**

(1) ڪمپيوٽر جو بنيادي تصور ڏنو:

✓ (i) بليز پاسڪل (ii) چارلس بابيج

(iii) مارٽن ڪوپر

(2) ڪمپيوٽر ڪي موجوده شڪل ۾ آڻيندڙ آهي:

(i) بليز پاسڪل ✓ (ii) چارلس بابيج

(iii) مارٽن ڪوپر

(3) ڪمپيوٽر جي ڪم ڪرڻ جا مکيه اصول آهن:

(i) ڪي بورڊ ۽ سي پي يو ✓ (ii) ان پٽ ۽ آئوٽ پٽ

(iii) سافٽ ويئر ۽ هارڊ ويئر


(4) گهرن ۾ آفيسن ۾ استعمال ٿيندڙ ڪمپيوٽر ________ قسم جو هوندو آهي.

(i) مين فريم (ii) مني فريم

✓ (iii) مائيڪرو ڪمپيوٽر

**(د) ڪمپيوٽر جي حصن جون تصويرون ڏسي نالا لکو.**







**(هه) ڪمپيوٽر ڪان سواءِ اوهين ريڊيو، ٽي وي ۽ موبائيل تان سوشل ميڊيا ذريعي ڪهڙي ڄاڻ حاصل ڪندا آهيو؟ تنهن بابت ٻڌايو.**

اسين انهن وسيلي دنيا ۾ روزانو ٿيندڙ واقعن، ايجادن ۽ معاملن بابت ڄاڻ حاصل ڪندا آهيون ۽ دل وندر لاءِ ڪيترائي پروگرام پڻ ڏسندا آهيون.

سبق ارڙهون

# ٻين سان ڀلائي (نظم)

چڱو آهي سڀ سان چڱائي ڪجي،
ڪڏهن ڪين ڪنهن سان مدائي ڪجي.

حوالو: هي شعر نظم "ٻين سان ڀلائي" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد غازي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر اسان کي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو ته هر ڪنهن سان چڱائي ڪرڻ بهتر آهي ۽ ڪنهن سان مدائي نه ڪرڻ گهرجي.

چوي دل جي تنهنجي ته ٻيا ڪن ڀلائي،
ته پوءِ تون به ٻين سان ڪندو ڪر چڱائي.

حوالو: هي شعر نظم "ٻين سان ڀلائي" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد غازي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر اسان کي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو ته جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته توهان سان ڀلائي ڪئي وڃي ته اوهان به ٻين سان ڀلائي ڪندا ڪريو.

اچي ڪم ٿو جيڪو به ٻين جي ادا،
حقيقت آ تنهن سان رهي خوش خدا.

حوالو: هي شعر نظم "ٻين سان ڀلائي" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد غازي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر اسان کي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو ته جيڪو ٻين جي ڪم اچي ٿو انهيءَ سان الله تعاليٰ به راضي رهي ٿو.

ڀلائي ڪرڻ سان ملي ٿي خوشي،
سٺي سهڻي سچ پچ رهي زندگي.



حوالو: هي شعر نظم "ٻين سان ڀلائي" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد غازي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر اسان کي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو ته ڀلائي ڪرڻ سان خوشي ملندي آهي ۽ زندگي به سهڻي نموني گذرندي آهي.

چڱو ڪر ته تنهنجو به ٿيندو چڱو،
خدا ان جو بدلو به ڏيندو چڱو.

حوالو: هي شعر نظم "ٻين سان ڀلائي" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد غازي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر اسان کي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو ته جيڪڏهن ٻين سان چڱائيءَ ڪندؤ ته توهان سان به ڀلائي ٿيندي ۽ رب پاڪ اوهان کي ان جو اجر به ڀلو ڏيندو.

ڪندين ڪنهن سان "غازي" چڱائي اگر،
سُکيو تنهنجو جيون ٿي ويندو بسر.

حوالو: هي شعر نظم "ٻين سان ڀلائي" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد غازي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر اسان کي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو ته جيڪڏهن توهان ٻين سان ڀلائي ڪندؤ ته توهان جي زندگي به سٺي نموني گذري ويندي.

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مدائي | برائي | بسر | گذرڻ |
| بدلو | موٽ | چڱائي | ڀلائي |
| زندگي | حياتي | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: اسان کي ڪنهن سان چڱائي ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي هر ڪنهن سان چڱائي ڪرڻ گهرجي.

سوال2: خدا ڪنهن سان خوش رهي ٿو؟

جواب: جيڪو ٻين سان ڀلو هلي ٿو.

سوال3: ڀلائي ڪرڻ سان ڇا ملندي آهي؟

جواب: ڀلائي ڪرڻ سان خوشي ملندي آهي.

**(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| خوش | ناخوش | زندگي | موت |
| ڀلائي | برائي | سکيو | ڏکيو |
| سٺي | خراب | سچ | ڪوڙ |

**(د) هيٺين لفظن تي جدا جدا اعرابون لڳائي نوان لفظ ٺاهيو:**

سَٿِ سِٿَ ڪَٿَ ڪَٿِ

يَتُ پِتِ ڪَنُ ڪِنُ

**(هہ) هيٺيان خال ڀريو.**

(1) چوي دل جي تنهنجي ته ٻيا ڪن **ڀلائي**.

(2) ته ڀوءِ تون به ٻين سان ڪندو ڪر **چڱائي**.

(3) چڱو ڪر ته تنهنجو به **ٿيندو چڱو**.

(4) خدا ان جو بدلو به **ڏيندو چڱو**.



سبق اوڻيهون

# خط

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ماڳ | جڳهه | اوائلي | شروعاتي |
| تخليق | ٺاهڻ | شاهڪار | حيران ڪُن |
| تعمير | ٺاهڻ | پڙاڏو | آواز جي موٽ |
| روبرو | آمهون سامهون | اچرج | حيرت |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: شاهجهان مسجد ڪڏهن ۽ ڪنهن جوڙائي؟

جواب: شاهجهان مسجد مغل بادشاهه شاهجان 1647ع ۾ جوڙائي.

سوال2: شاهجهان مسجد ۾ ڪيترا گنبذ آهن؟

جواب: شاهجهان مسجد ۾ 101 گنبذ آهن.

سوال3: هيءَ مسجد ڪيتري عرصي ۾ جڙي راس ٿي؟

جواب: هيءَ مسجد 3 سالن ۾ جڙي راس ٿي.

سوال4: بجلي جي نه هئڻ باوجود مؤذن جو آواز پري پري تائين ڪيئن ٻڌبو آهي؟

جواب: گنبذن جي ڪري آواز پڙاڏو بڻجي پري پري تائين ٻڌبو آهي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) شاهجهان مسجد آهي:

(i) سيوهڻ ۾ ✓ (ii) ٺٽي ۾ (iii) ڪراچيءَ ۾

(2) شاهجهان مسجد تعمير ڪرائي:

✓ (i) مغل بادشاهه (ii) انگريزن (iii) محمد بن قاسم

(3) شاهجهان مسجد ٺهيل آهي:

✓ (i) ڳاڙهين سرن جي (ii) سفيد سرن جي (iii) ڪچين سرن جي

(4) شاهجهان مسجد ۾ گنبذ آهن:

(i) 100　(ii) 101 ✓　(iii) 110

(5) شاهجهان مسجد کي سڏبو آهي:

(i) سفيد گنبذن واري　(ii) گهڻن گنبذن واري ✓

(iii) بغير گنبذن واري

**(د) هيٺين لفظن جا جمع ٺاهيو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| مسجد | مسجدون | سرَ | سرون |
| ماڳُ | ماڳَ | گنبذُ | گنبذَ |
| جاءِ | جايون | | |

**(ه) هيٺ ڏنل عبارت پڙهو، سمجهو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

تندرستي جهڙي ٻي ڪابہ نعمت ڪونہ آهي. اها هڪ ٻي بها موتي آهي جيڪا خريد نہ ٿي ڪري سگهجي. خوش نصيب انسان اهو آهي جيڪو تندرست آهي. تندرست رهڻ لاءِ صفائي تمام گهڻي اهميت رکي ٿي. پنهنجي جسم کي هميشہ صاف سٿرو رکڻ گهرجي. صاف سٿري ماحول ۾ رهڻ گهرجي. پاڻي بہ صاف استعمال ڪجي. کاڌو تازو ۽ وقت تي کائجي. ننڊ صحت لاءِ بيحد ضروري آهي پر گهڻي ننڊ سستي پيدا ڪري ٿي. صحت کي برقرار رکڻ لاءِ بدني ورزش پڻ ضروري آهي.

سوال1: خوشنصيب انسان ڪير آهي؟

جواب: خوشنصيب انسان اهو آهي جيڪو تندرست آهي.

سوال2: تندرست رهڻ لاءِ ڪهڙي شيءِ گهڻي اهميت رکي ٿي؟

جواب: تندرست رهڻ لاءِ صفائي گهڻي اهميت رکي ٿي.

سوال3: کاڌو ڪهڙو ۽ ڪيئن کائجي؟

جواب: کاڌو تازو ۽ وقت تي کائجي.

سوال4: گهڻي ننڊ سان ڇا ٿيندو؟

جواب: گهڻي ننڊ سستي پيدا ڪندي آهي.



سبق ويهون

# شڪارپور

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| شاندار | اعليٰ | ڪوٽ | تهہ |
| عمده | زبردست | سلامت | برقرار |
| پرڳڻي | علائقي | بنياد | شروعات |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: شڪارپور جو بنياد ڪنهن رکيو؟

جواب: شڪارپور جو بنياد دائود پوٽا خاندان جي حاڪم امير بهادر خان رکيو.

سوال2: شهر جي چوڌاري پهريان ڇا ڏنل هو؟

جواب: شهر جي چوڌاري پهريان مٽيءَ جوڪوٽ ڏنل هو.

سوال3: شڪارپور جي تاريخي جاين کي ڏسڻ لاءِ دل ڇو چاهيندي آهي؟

جواب: شڪارپور جي تاريخي جاين کي ڏسڻ لاءِ دل انڪري چاهيندي آهي ڇاڪاڻ تہ اهي جايون شاندار، تاريخي ۽ شڪارپور جو حسن آهن.

سوال4: هتان جون سوکڙيون ڪهڙيون آهن؟

جواب: هتان جون سوکڙيون آچار ۽ مٺائي آهن.

سوال5: اونهاري ۾ هتان جا ماڻهو تفريح لاءِ ڪيڏانهن ويندا آهن؟

جواب: اونهاري ۾ هتان جا ماڻهو تفريح لاءِ شاهي باغ ويندا آهن.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) شڪارپور جو بنياد رکيو ويو.

✓ (i) 1617ع ۾ (ii) 1618ع ۾ (iii) 1619ع ۾

(2) هن پرڳڻي کي مهر ۽ جتوئي استعمال ڪندا هئا.

(i) چراگاهه طور ✓ (ii) شڪار گاهه طور

(iii) تفريح گاهه طور

(3) شڪارپور شهر ______ وڏن شاهراهن جو ميلاپ آهي.

(i) ٻن ✓ (ii) ٽن (iii) چئن

(4) شڪارپور کي دروازا هوندا هئا.

(i) ڇهه (ii) ست ✓ (iii) اٺ

(5) شڪارپور جو مشهور آهي:

✓ (i) آچار (ii) چوڙيون (iii) ڪپڙا

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو:**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| جديد | قديم | پراڻي | نئين |
| آبادي | بربادي | شروعات | آخر، اختتام |
| گرمي | سردي | خالص | ملاوٽ |

**(هه) صحيح جملي جي سامهون "✓" ۽ غلط جملي جي سامهون "✗" جو نشان لڳايو.**

(1) سنڌ جي جديد شهرن مان هڪ سهڻو شهر شڪارپور آهي. (✗)

(2) هي شهر راندين جي لحاظ کان گهڻي اهميت رکندو آهي. (✗)

(3) دائود پوٽا خاندان جي حاڪم امير بهادر خان 1617ع ۾ هن شهر جو بنياد وڌو. (✓)



(4) 1843ع ۾ شڪارپور کي سنڌ جي ٽن ضلعن مان هڪ ضلعو ناهيو ويو. (✓)

(5) شڪارپور شهر جي چوڌاري گهڻو وقت اڳ مٽيءَ جو ڪوٽ اڏيل هو، جنهن ۾ اٺ دروازا هوندا هئا. (✓)

**(و) هيٺيان جملا درست ڪري لکو.**

(1) جهنگ رڳو سال هتي چار سؤ اڳ هو.

چار سؤ سال اڳ هتي رڳو جهنگ هو.

(2) مشهور آهي ڪلفي ناڪر داس جي سڄي سنڌ ۾.

ناڪر داس جي ڪلفي سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي.

(3) ۾ اونهاري پڪنڪ ماڻهو ملهائڻ آهن ايندا.

ماڻهو اونهاري ۾ پڪنڪ ملهائڻ ايندا آهن.